
# واڙي کي ٺاهڻ ۽ جانورن جي بهتر سار سنڀال جا بنيادي اصول

**جانورن جي سٺي صحت ۽ واڌ ويجهه جي بنياد تي انهن کي کليل، هوادار، صاف سٿري ۽ آرام واري جڳهه مهيا ڪرڻ تمام ضروري آهي.**




واڙي جو رخ هميشه اتر ۽ ڏکڻ جي طرف هئڻ گهرجي ته جيئن سخت گرمي ۽ خراب موسم کان جانورن کي بچائي سگهجي.




واڙي کي ايئن ٺاهڻ گهرجي ته جيئن هوا جو گذر آساني سان ٿي سگهي ۽ ڇت جي اوچائي چوڏهن (14) فوٽ هئڻ گهرجي.



| جانور | گهربل جاءِ | |
|---|---|---|
| | ڇت واري جڳهه | کليل جڳهه |
| ڳئون | 50 اسڪوائر فٽ | 100 اسڪوائر فٽ |
| مينهن | 60 اسڪوائر فٽ | 120 اسڪوائر فٽ |
| ڦر | 35 اسڪوائر فٽ | 70 اسڪوائر فٽ |

**واڙي ۾ کليل جڳهه ڇت واري جڳهه کان ٻيڻي هئڻ گهرجي.**



واڙي جو فرش اهڙي طرح ٺاهيو ته جيئن جانور ترڪي نه سگهن ۽ پاڻي جو نيڪال آساني سان ٿي سگهي.



جانورن کي هر وقت تازو ۽ صاف سٿرو پاڻي مهيا ڪريو ۽ پاڻي جو حوض هميشه ڇانو واري جڳهه تي ٺاهيو.









جانورن کي ٻڌي رکڻ سان ان جي صحت، واڌ ويجهه ۽ پيداوار تي تمام خراب اثر پئجي سگهن ٿا.



گرمين ۾ جانورن کي هميشه ڇانو واري جڳهه مهيا ڪريو ۽ اس
(ڪاڙي) ۾ هر گز نه ٻڌو.



جيڪڏهن ممڪن ٿي سگهي ته گرمي کان بچاءَ جي لاءِ واڙي ۾
پنکهن ۽ ڦوارن جو بندوبست ڪريو.



جانورن کي خراب ۽ بيٺل پاڻي ۾ وڃي وهڻ
کان پرهيز ڪريو.



مختلف بيمارين کان بچاءَ جي لاءِ ڏينهن ۾ گهٽ ۾
گهٽ ٻه دفعه واڙي جي صفائي ضرور ڪريو.

اي ايس ايل پي، ڊيري پراجيڪٽ يونيورسٽي آف ويٽرنري اينڊ اينيمل سائنسز لاهور.
فون: 042-37212339 ويب سائٽ: www.aslpdairy.pk